ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي

پي ايچ - ڊي ٿيسز
(جائزو)

شاه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪ آهي. سندس عالمگير پيغام جو پڙاڏو هندين ماڳين ۽ مشرق کان مغرب تائين پڌو ويو آهي. سندس زندگي ۽ ڪلام تي سنڌي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪيئي ڪتاب ۽ مقالا لکيا ويا آهن. رسالي جا ڪيترائي قلمي نسخا موجود آهن ۽ ڪيترائي ايڊيشن به شايع ٿيا آهن. انگريزي، اردو، سرائڪي، گجراتي، عربي، فارسي ۽ جرمن ۾ ڪلام جا ترجما به ٿيا آهن. مير علي شير قانع، مير مانگي، ليلا رام خاڪي، مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي توڙي ٻين ڪيترن ليکڪن شاهه صاحب تي لکيو. شاهه صاحب تي ٿيل تحقيق جا جائزا به شايع ٿي چڪا آهن.

موجوده جائزي ۾ فقط شاهه عبداللطيف جي باري ۾ لکيل پي ايچ. ڊي لاءِ مقالن/ٿيسز (Theses) کي شامل ڪيو ويو آهي. ٿيسز جو وچور هن ريت آهي:

سال	عنوان	لکندڙ
1938	Shah Abdul Latif of Bhit	— H. T. Sorley (1)
1973	Shah Abdul Latif, his life and work.	— Motilal Jotwani (2)

1976	Shah Abdul Latif and his times.	— S. M. Jhangiani	(3)
1984	The poetry of Shah Abdal Latif.	— Durre Shahwar Syed	(4)

(٥) شاهنواز سوڍر. سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف ١٩٨٨

(٦) غلام نبي سڏايو. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ علامت نگاري ١٩٨٨

ڪي ٿيسز ڇپيون به آهن، پر انهن جي يا مون کي ڪاپي نه ملي آهي، پارٽ ۾ آهن يا اڃان امتحان هيٺ آهن ۽ ڪاپي حاصل ڪري نه سگهيو آهيان، ان ڪري فقط هنن ڇهن ٿيسز جو قدري تفصيلي جائزو پيش ڪريان ٿو:

١ - ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي Shah Abdul Latif of Bhit

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي جا پهرين ٿيسز لکي ويئي ۽ جنهن تي پي ايڇ. ڊي ڊگري ملي، سا ايڇ ٽي سورلي جي هئي. ٿيسز پهرين ١٩٣٠ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس مان ڇپي ۽ پيش لفظ ۾ صحيح سال ١٩٣٨ جو سال لکيل آهي. اهو ٿيسز پيش ڪرڻ جو سال ٿو لڳي. تاريخ ٣١ مارچ لکيل آهي. ان هيٺان (Revised Publication 1939) لکيل آهي. سپروائزر جو نالو لکيل نه آهي. اندازو لڳايو ويو ته ڊگري به آڪسفورڊ مان ملي آهي. ٿيسز تي مڪمل عنوان هن ريت لکيل آهي:

Shah Abdul Latif of Bhit:
His poetry life and times
A study of literary, social
and economic conditions in
18th century Sind.

هن ٿيسز/ڪتاب تي مون ڀهريون پيرو جائزو ١٩٦١ع ۾ لکيو هو. جيڪو منهنجي ڪتاب ۾ شامل آهي. آهو مون ترجمن جو جائزو وٺندي لکيو. آن جائزي جا ڪي ڀهاو به هت شامل ڪريان ٿو. سورلي سول سروس جو ماڻهو هو. هُن سنڌ ۾ ڪليڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪيو. آن زماني ۾ وقت ڪڍي کوجنا جو ڪم به ڪيو. هيءَ ٿيسز ٽن ڀاڱن Books ۾ ورهايل آهي. ڀهرئين ڀاڱي ۾ سنڌ جي تاريخ، ڪلهوڙن جي دور جو جائزو ۽ شاهه جي سوانح ڏني ويئي آهي. هو سنڌ جي تاريخ جو سلسلو تفصيل سان مغلن جي زوال کان شروع ڪري ٿو. هن سلسلي ۾ ڪلهوڙن جي دور جي حالات، سٽي ۽ واپار، ماڻهن جي معيار زندگي، سنڌ جي اقتصادي ۽ معاشرتي حالتن جو خصوصي ذڪر ڪري ٿو. تاريخ جي مواد جي فراهميءَ بابت نهايت مدلل بحث ڪري ٿو. سورلي سڪئين ڏند ڪٿائن کان پاسو ڪيو آهي. تاريخ ۾ هن خاص طور ترخان نامہ، تاريخ طاهري، بيگلار نامہ ۽ تحفة الڪرام جا حوالا ڏنا آهن. هو اڪثر هنڌن تي تحفة الڪرام کان مطمئن نظر نٿو اچي. آن ڪري ٻيا مستند حوالا وٺي ٿو. ڊاڪٽر سورلي حڪومت ۽ عوام جي سري هيٺ سياسي حالتن جو جائزو پيش ڪري ٿو ۽ ڪلهوڙن جي دور جو معاشي پس منظر به ڏي ٿو.

شاهه صاحب جي سوانح حيات به ڏند ڪٿائن کان آجي ڪري ڏني اٿس. هن شاعر کي شاعر ڪري متعارف ڪرايو آهي. سر ڪيڏاري کي شاهه جو ڪلام مڃي ٿو (١)

---

(١) شاهه عبداللطيف آف ڀٽ ص ١٧٣.

ٻيو ڀاڱو آهي: تنقيدي ۽ ادب: هن ۾ هيٺيان باب آهن: شاعريءَ جا بنيادي اصول ۽ تنقيد - صنف جي پيدائش - رسالي جا بيت: شاهه تي عربي، فارسي، هندي ۽ بلوچي وغيره جو اثر - لوڪ داستان ۽ سنڌ ۾ تصوف وغيره.

ڊاڪٽر سورلي شاهه جي تعليم جو بحث ۾ ڇيڙيو آهي. ڪهڙن محققن شاهه صاحب ڪي سنڌي طرح يا اڻ سنڌي طرح پڙهيل سڏيو آهي. ترسپ چوي ٿو ته سندس رسالي ڪي ڏسي ڪير ٻه ڪيس اڻ پڙهيل ڪوٺ سڏي سگهندو. ليلارام وطن مل لکي ٿو: ”خبر نه آهي ته نورمحمد ڀٽيءَ وٽ اسان جي شاهه ڪيترو وقت تعليم پرائي (١)“ ڊاڪٽر رسولي انهيءَ راهه جو آهي ته ٿورو ڪي ڪهڙو استاد وٽ پڙهيو هو. چوي ٿو: ”جي اها روايت صحيح آهي ته شاهه لطيف قرآن شريف، مثنوي رومي ۽ شاهه ڪريم جو رسالو ساڻ کڻندو هو ته سندس پڙهيل هجڻ ۾ ڪو شڪ نه آڻڻ گهرجي (٢).“ انهيءَ نڪتي کان پوءِ بيت جي صنف تي بحث ڪيو اٿس ۽ شاهه جي شاعري تي سير حاصل تبصرو ڪيو اٿس. هو لکي ٿو: ”رومي ۽ جاميءَ جو ڪلام صوفيانو آهي پر شاهه جي ڪلام ۾ ديسي لوڪ داستانن جو امتزاج نه هجي ها ته سندس ڪلام به محض تصوف جي اپٽار پيو ڪري ها.(٣)“ سورلي اهو به لکي ٿو: ”شاهه جو ڪلام غنائي آهي.

---

(١) لعلواڻي، ليلارام وطن مل. ’شاهه لطيف‘ حيات، مذهب ۽ شاعري. ١٨٩٠ع ڪراچي ص ١١.

(٢) سورلي. ص ٢٠٣.

(٣) سورلي. ص ٢٠٩.

ان ۾ نغمگي ۽ موسيقيت آهي. (١)". انهن ٿي صفحن ۾ مصنف هندوستاني راڳ ۽ يوروپي موسيقيءَ تي لکيو آهي. ڊاڪٽر سورلي چند جي وزن جا تفصيل نہ ڏنا آهن جيڪي اڳتي هلي جهمٽ مل ڀاوناڻي ۽ ڊاڪٽر جوتوانيءَ ڏنا.

رسالي ۾ ڏاريئن ڪلام جو بہ ذڪر ڪيو اٿس. هو مختصر طور اهو بحث ڪرڻ کان پوء شاھ جي تصوف تي ايندي اهو چوي ٿو تہ شاھ کي سمجهڻ لاءِ اسلامي تصوف جو اڀياس ضرور ڪرڻ گهرجي. هوڏانهن صوفي شاعر ڊون Donne جو مثال ڏيندي ڪن ٻين انگريزي صوفي شاعرن جي ڪلام جي حوالن سان بہ بحث ڪيو اٿس.

شاھ جي رسالي تي مختلف ٻولين جي اثر بابت بہ هڪ مختصر عنوان هيٺ بحث ڪيو اٿس. ان ريت ڪتاب جي ٻهرين ٻن ڀاڱن ۾ سنڌ جي تاريخ، شاھ جي دور ۽ شاھ جي شاعريءَ تي تحقيقي بحث ڪرڻ کان پوء ٽئين ڀاڱي ۾ شاھ جي چونڊ ڪلام جو ترجمو ڪيو اٿس. هي ترجمو فقط ان ڪلام جو آهي، جيڪو قاضي احمد جي منتخب ۾ آهي. اهڙو ذڪر بہ سورلي پيش لفظ ۾ ڪيو آهي. (٢)

هن وقت تائين تہ ٻين بہ ڪن عالمن انگريزي ترجمو ڪيو آهي، پر ڊاڪٽر سورلي جو ترجمو محترمہ ايلسا قاضي کي ڇڏي باقي اردو، فارسي ۽ انگريزي ترجمن کان وڌيڪ اصل سان ٺهڪندڙ آهي. ڇو جو هو سنڌيءَ ۾ بہ هڪ اهل زبان عالم جيتري قابليت رکندو هو. سورلي جو ڪيل منظوم ترجمو شاھ جي ڪلام جي

---

(١) سورلي. ص. ٢٦٠.
(٢) ص VII (ح).

مفهوم کي کڻُو ڪري مڪمل طور ۽ صحيح سمجهڻ ۾ مددگار آهي. تن پاڻن تي آڌاريل هن مڪمل ٿيسز جو تحقيق جو معيار به نهايت اعليٰ آهي. هونئن انگريزيءَ ۾ شاهه صاحب تي ليلا رام ۽ قليچ بيگ اڻويهين صديءَ ۾ به ڪتاب لکي چڪا هئا، پر انگريزي پڙهندڙن سان صحيح طور شاهه صاحب کي ڊاڪٽر سورلي متعارف ڪرايو.

ڪتاب ۾ انڊيڪس (Index) گلاسري (Glossary) ۽ ببليو گرافي (Bibliography) به ڏنل آهي. ڊاڪٽر سورلي اُن کان پوءِ Musa peravagans نالي هيو ڪتاب به لکيو جنهن ۾ هن يوناني، اطالوي، لاطيني، فرينچ، عربي، اردو ۽ سنڌيءَ جي وڏن شاعرن جو ڪلام ترجمو ڪري ڏنو ۽ اُن جي پيش لفظ ۾ لکيائين ته شاهه انهن سڀني شاعرن ۾ ممتاز آهي، جن جو ڪلام آءُ هن ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيو آهيان(١) شاهه جو مڪمل ادبي تعارف ڪرائڻ هن ٿيسز جو طاقتور پهلو آهي.

٢- ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي Shah Abdul Latif, his Life and work.

موتي لعل جوتواڻيءَ هيءَ ٿيسز لکڻ کان سواءِ هندي، سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ قاضي قادن، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف تي ٻيو به گهڻو ڪم ڪيو آهي. ناولٽ، نثري نظم، افسانا لکڻ ۽ ٻيو ڪيترو تخليقي ڪم ڪرڻ واري هن اديب ١٩٧٣ع ۾ هي ايڇ. ڊي جي ڊگريءَ لاءِ هي ٿيسز دهلي يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ جيرامداس دولترام جي رهبريءَ ۾ لکي ۽ ٿيسز دهلي يونيورسٽيءَ ١٩٧٥ع ۾ شايع ڪئي. مڪمل عنوان هن ريت آهي:

---

(١) موسا پراوگانس- پيش لفظ.

Shah Abdul Latif:
His life and work
A study of socio-cultural
and literary situations in
18th century Sind.

ڪتاب/ٿيسز ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهريون ڀاڱو مڪمل طور مختلف عنوانن تي آڌاريل ۽ فقط سوانح عمريءَ بابت آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ ڪل اٺ باب آهن. پهريان پنج شاهه جي زبان، وزن، راڳ، النڪار ۽ رس بابت ۽ پوين ٽي فلسفي ۽ مذهبي تحريڪن جي روشنيءَ ۾ لکيل آهن. آخر ۾ خاص واقعن جي ڪرانالاجي (Chronology) انڊيڪس (Index) ۽ ببليو گرافي (Bibliography) ڏنل آهي. ڪتاب جي مقدمي ۾ ٽئگور پروفيسر آف بنگالي ۽ جديد هندستاني زبانن جي شعبي جو چيئرمن ڊاڪٽر آر ڪي داس گپتا دنيا جي صوفي شاعرن ۾ شاهه صاحب جي اهميت تي لکندي ٻڌائي ٿو ته هن ٿيسز جي ڇپجڻ سان خاص طور دنيا چڱي طرح ڄاڻندي ته شاهه ڪيڏو وڏو شاعر ۽ صوفي آهي (٨).

ڊاڪٽر جوتوائي مقدمي ۾ موجوده ذريعن (Sources) جو ذڪر ڪري، انهن جي حوالي سان سوانح ۽ ڪلام تي لکڻ لاءِ پنهنجن خيالن جو اظهار به ڪري ٿو ۽ ذريعن تي بحث به ڪري ٿو(٩).

سوانح عمري لکندي جوتوائي موجود مواد جو نه رڳو ڀرپور استعمال ڪيو آهي، بلڪ هن باب ۾ سوانح کي تحقيق جي جديد طريقن موجب ترتيب ڏنو آهي. هن سلسلي ۾ جديد محقق ٻن اهم

(٨) جوتوائي. فورورڊ از داس گپتا ص X (ايڪس).
(٩) جوتوائي. ص ص ١ کان ٧.

ذريعن ڪربخشائي ۽ سورلي ڪان متاثر ٿيڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيا آهن . ڊاڪٽر جوتوانيءَ بہ هنن ٻن ذريعن تي گهڻو تڪيو ڪيو آهي . ڇو جو هي ٻئي (ڪربخشائي ۽ سورلي) شاهہ تي سند آهن . هونئن قانع، قليچ ، برٽن ۽ ٽرمپ جا حوالا بہ هن ورتا آهن . سوانح بہ سورلي جو تيار ڪيل ماڊل هن جي اکيان رهيو، پر هن سوانح جي تحقيق ۽ ترتيب ۾ جدت کي ملحوظ خاطر رکيو آهي . هن سلسلي ۾ پيءُ ، وڏا ۽ ابا ڏاڏا ، ٻالاپڻ ، جواني ، شاعريءَ جو دؤر، سفر ، شادي ، رشتا ناتا ، سماج لاءِ پيار ۽ آخري سال جهڙن ميرن سان سوانح ۾ شاهہ صاحب کي شخص ۽ شاعر جي حيثيت ۾ خوب اجاگر ڪيو اٿس .

ڪتاب/ٿيسز جو ٻيو ڀاڱو شاعر ۽ شعر بابت موجود مواد جي مد نظر وڏيڪ زوردار ۽ نئون آهي . عنوان آهن : شاهہ جي ڪم آندل زبان ، دوهي جا مختلف قسم ، راڳ ، النڪار ۽ رس ، تصوف، هندستاني ڏاري ۾ تصوف ۽ ڀڳتي تحريڪ وغيره .

تصوف هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن ۾ مذهبن کي جوڙڻ جي قوت بہ آهي ۽ جي ڪو ماڻهو اُن کي پنهنجي مذهب جي تناظر ۾ تصوف کي بيان ڪري ٿو تہ سندس بيان هڪ طرفو ۽ ذاتي پنهنجي ٿو ٿيو . اهڙو معاملو جوتوانيءَ جي تحرير ۾ بہ ملندو، پر هو رسالي ۾ قرآن جي اثر کان انڪار ڪو نہ ٿو ڪري . (١)

منهنجي خيال ۾ جوتوانيءَ جو ٻئي ڀاڱي جو ٽيون باب Varied forms of Doha نئين مواد تي آڌاريل آهي . هن کان اڳ بيتن جي وزن تي پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي سنڌي بيت جي

---

(١) جوتواڻي . ص ١١٣ کان ١١٨ .

حقيقي وزن ٿي ١٩٥٣ع ۾ پنهنجي ڪتاب ’چند سگند‘ ۾ ڀرپور مثالن سان بحث ڪيو. هن دوها ۽ سورٺا جا مثال سنڌيءَ مان ورتا ۽ پنهي هيئتن جي هڪ هڪ سٽ تي آڌاربل ٻن سٽن جي شعر ڪي دوها سورٺا ميل ’ارڌ دوها ارڌ سورٺا‘ سڏيو. قليچ بيگ وانگر اُن کي خاص سنڌي قابليت سڏيو. ۽ جوتوائي گجراتي ۽ ڏنگل جي دوهن جي هيئتن مان ٻه فارم بحث هيٺ آندا يعني ٿلوبري دوهو ۽ ٻڙو دوهو؛ جيڪي دوهي ۽ سورٺي جي سٽ سٽ جي ڦير گهير سان پيون ٻه هيئتون بنجن ٿيون. انهن سنڌي بيت جون بنيادي هيئتون چار ٿيون، جن ۾ سٽن جو تعداد ٻه ٻه هوندو. جي وزنن جي تبديليءَ ۽ ٻن سٽن کان بيت وڌيو ته اِها ٿي خاص سنڌي قابليت. اهڙو بيت ڪنهن ٻه نيدي ڪنڊ جي زبان ۾ ڪونهي(١) چند جي وزن تي جوتوائيءَ دليلن ۽ ثابتين سان هي بحث نهايت واضع ۽ موثر انداز ۾ ڪيو آهي.

راڳ راڳڻين تي مختصر ۽ وزنائتو بحث ڪيو ويو آهي ۽ لوڪ رنگ سان اُن جو تعلق به واضع ڪيو ويو آهي. وائيءَ جي گائڪي ۽ شاه جي تنبوري تي ڊاڪٽر بلوچ جي حوالن سان بحث ڪيو ويو آهي. اهڙي ريت رسالي جي مختلف مضمونن تي ’ الڪار ۽ رس‘ جي عنوان سان هڪ باب لکيو ويو آهي، جو لفظن جي موسيقيت ۽ موزونيت توڙي انساني جذبن جي شاعرائي اظهار بابت آهي. اهو هن ٿيسز جو طاقتور پهلو آهي. النڪار يعني عڪس يا Image پيش ڪرڻ، جيڪي حقيقت موجب هجن. اڪثر بيتن ۾ علامت (Symbol) جو ٻه اشارو آهي. اُن جو به ٿورو ذڪر ڪيو

---

(١) جوتوائي. ص ص ٧٧ کان ٨٠.

ويو آهي. رس يعني جمالياتي حظ جيڪو انساني جبلت جو هڪ اهم عنصر آهي، اُن جو رسالي جي بيتن جي مثالن سان ذڪر ڪندي ڊاڪٽر جوتواڻي رس ڪي هندوستاني شاعريءَ جي پسمنظر ۾ بيان ڪيو آهي. شاهه جي شاعريءَ تي هيءَ هڪ ٿيسز آهي جنهن ۾ مواد ۽ اُن جي ترتيب هڪ طرف تہ تحقيق جو اعليٰ معيار ٻئي طرف موجود آهي. جوتواڻي صاحب دهلي يونيورسٽي جي ديش بندو ڪاليج ۾ پروفيسر آهي.

٣- ڊاڪٽر سنتداس جهانگياڻي Shah Abdul Latif and his times

هيءَ ٿيسز پي ايڇ. ڊي ڊگريءَ لاءِ ١٩٧٦ ۾ دهلي يونيورسٽيءَ ۾ قبول ڪئي ويئي ۽ ١٩٨٧ع ۾ دهلي يونيورسٽيءَ شايع ڪئي آهي. ڊاڪٽر سنتداس جهانگياڻيءَ جو سپروائزر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي آهي. ڪتاب جو مڪمل عنوان هن ريت آهي:

Shah Abdul Latif and his times
(1690 A.D to 1751 A.D)

ڪتاب ۾ ٻہ ڀاڱا (Parts) آهن. پهرئين ڀاڱي ۾ فقط سوانح جو هڪ باب آهي ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ٽي باب آهن، جن ۾ His times جي سري هيٺ سنڌ جي سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن جو جائزو ورتو ويو آهي.

شاهه جي سوانح جي سلسلي ۾ ڪا نئين ڳالهہ نہ ڏني ويئي آهي. ساڳيا ماخذ ۽ ساڳيو احوال آهي. ڪوشش ڪري احوال ڪي تحقيق جي طريقن (Methods) موجب رکيو ويو آهي.

سوانح ۾ شاهه جي مذهب ۽ شاعريءَ ۽ فلسفي جو ذڪر بہ آهي ۽ شاعريءَ جو مضمون موجب جائزو بہ آهي. ڊاڪٽر جهانگياڻيءَ

جي ماخذن ۾ جوتوائي موجود نہ آهي. پهرئين ڀاڱي جي مواد ۾ ڪٿي ڪٿي جهول بہ ملي ٿو ۽ غلطيون بہ. جئن شاهہ لطيف تي جن شاعرن جو اثر آهي، انهن ۾ فريد ملتانيءَ جو بہ نالو شامل ڪيل آهي (١). جيڪو اٺويهين صديءَ ۾ شاهہ صاحب جي وفات کان سوٌ سال پوءِ پيدا ٿيو- يا ليڪڪ دل ۾ بابا فريد گنج شڪر رکيو ۽ نالو ٻيو لکيو.

سوانح ۾ شاهہ صاحب جي ڄمڻ جو سال ١١٠٢ھ/١٦٨٩ع جي سلسلي ۾ ليکڪ ١١٠٢ھ جي حوالي سان 'تقويم هجري و عيسوي' از ابو نصر محمد خالد سان پيٽي ڇيو آهي تہ هجري سال ١١٠٢ جي پهرين محرم ٢٥ سيپٽمبر ١٦٩٠ع جي برابر آهي تہ پوءِ شاهہ جي ولادت جو عيسوي سال ١٦٨٩ نہ پر ١٦٩٠ آهي يا جي ولادت جي تاريخ ملي تہ ١٦٩٠ يا ٩١ ٻيهندو (٢).

سوانح جي ڪن حصن ڪي وري پنهنجن لفظن ۾ لکڻ کان بچڻ لاءِ سورلي تان اختصار ورتو اٿس ۽ حوالا ڏنا اٿس (٣). سوانح ۾ ٿي شاهہ صاحب جي شاعرانہ ڪمال ۽ عظمت جو مثالن سان بيان ڪندي بيت Roman Tranliteration ۾ ڏنا ويا آهن ۽ انهن جو انگريزي ترجمو ۽ سمجهاڻي بہ ڏني ويئي آهي.

ٻيو ڀاڱو جيئن تہ سنڌ ۾ شاهہ صاحب جي دؤر تي آڌاريل آهي ان ڪري ان ۾ جهانگياڻي صاحب سنڌ جي سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن جو جائزو پيش ڪيو آهي. هن ڀاڱي ۾ سنڌس

---

(١) جهانگياڻي. ص ٨.

(٢) جهانگياڻي. ص ١.

(٣) جهانگياڻي. ص ٥.

خاص ماخذ غلام رسول مهر، قليچ بيگ، هينري ڪزنس، اينڪن، سورلي، ماڙيوالا، لطف الله بدوي، جي. ايم. سيد، مدارنگاڻي، ڊاڪٽر بلوچ ۽ مولانا وفائي آهن. هن بحث ۾ تاريخ جي دؤر سان گڏ رسالي سان ثابتيون ۽ حوالا ب ڏيندو اڳتي وڌي ٿو. هونئن عنوان موجب هي پاڪو خشڪ لڳي ها پر ليڪڪ رسالي جي ٽيڪ سان تاريخي مواد ڏنو آهي. منهنجي نظر ۾ هن ٿيسز جو اهو طاقتور پهلو آهي. شاهه جي دؤر ۾ جيڪي واقعات سنڌ ۾ ٿيا انهن جي اظهار عام تاريخن ۾ ب آهي پر هتي ليڪڪ جنهن موثر انداز ۾ رسالي جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي، سو منفرد آهي.

معاشي ۽ سماجي حالتن جو جائزو ب رسالي جي بيتن جي حوالي سان ڪيل آهي. معاشي حالتن جو ذڪر هوسٽي (Hoste) پاٽنجر (Pottinger) ۽ مڪ مردو (Mc Murdo) جي حوالن سان ڪري ٿو. واپار، پيڙهيون ۽ سنڌي ملاح، سنڌ جي زندگيءَ جو اهم حصو آهن. پوک سنڌ جي جيوت جو هڪ بنيادي ذريعو آهي. انهن سڀني پهلوئن جو ڊاڪٽر جهانگياڻي تفصيل سان جائزو ورتو آهي. هو صاحب ديش بندو ڪاليج دهليءَ ۾ ليڪچرر هو، گذريل سال ڏي منهنجو دوست ٿيو ۽ پنهنجي ٿيسز مهرباني ڪري موڪليائين. ١٩٨٨ع ۾ گذاري ويو. سندس پيا مقالا ب پڙهڻ جو موقعو مليو. هڪ سٺو انسان ۽ قابل محقق هو.

٤ـ ڊاڪٽر درشهوار سيد The poetry of Shah Abdal Latif.

هي ٿيسز ١٩٨٣ع ۾ ايڊنبرا يونيورسٽي (برطانيه) ۾ پي ايڇ ڊي ڊگريءَ لاءِ پيش ٿي ۽ ١٩٨٨ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪئي. ٿيسز ڪتاب ۾ ڪل پنج باب آهن. آخر ۾ Appendix،

Index ۽ ببليوگرافي ذنل آهي. ٿيسز جو مڪمل عنوان هن ريت آهي .

The poetry of Shah Abd al Latif.

عبداللطيف جي انگريزي سپلنگ Abdal لکيل آهي. وري Abd کان al ٿورو پري لکيل آهي. ٿي سگهي ٿو ته اِهو سپروائزر جو ضد هجي ته عبد ـ ال ـ لطيف ڪري لکجي.

هن ٿيسز ۾ محترمہ درشهوار جي چوڻ موجب ڪي نوان پهلو اجاگر ڪيل آهن. (۱) اهي عورت جي ڪردار بابت آهن.

پهرئين باب ۾ تاريخي پس منظر ڏيندي سنڌي شاعريءَ جو جائزو ورتل آهي ۽ شاهہ صاحب جي سوانح عمريءَ سان گڏ رسالي بابت معلومات ڏني ويئي آهي. رسالي جو مڪمل تعارف به ڪرايو ويو آهي. پنهنجي ٿيسز جو جواز پيش ڪندي ڊاڪٽر درشهوار لکي ٿي: ”شاهہ پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن تي گهڻو مواد شايع ٿيو آهي. گهڻن محققن سندس مذهبي شاعري واري پهلوءَ تي ڌيان ڏنو آهي. منهنجي نظر ۾ هين سيني پهلوئن کي نظرانداز ڪري ان هڪ پهلوءَ کي اجاگر ڪيو ويو آهي. اهو صحيح آهي ته شاهہ جي شعر جو گهڻو حصو صوفيانو آهي. پر ان تي تمام گهڻو زور ڏيڻ هن عظيم شاعر جي آفاقي پيغام جي اهميت گهٽائڻ جي برابر آهي. (۲)

پنهنجي طئي ڪيل ترجيحات (Priorities) موجب محترم ليکڪ ٿيسز ۾ رسالي جي سماجي ۽ قومي پهلوئن جو ڀرپور جائزو

---

(۱) درشهوار. پيش لفظ

(۲) درشهوار. ص ۵۵

ورتو آهي. شاهه صاحب جي جوڳين سان سات جو به ذڪر ڪيو ويو آهي. پر هن ٽيسز جو طاقتور پهلو شاهه جي سورمين جي حوالي سان سنڌ جي عورت جي سماجي ڪردار جي اپٽار آهي. جيڪو محترمه منفرد ۽ علمي انداز سان لکيو آهي. سندس اهو چوڻ صحيح آهي ته: ”رسالي ۾ جيڪو عورت جو ڪردار آهي، سو عربي، فارسي ۽ ترڪي شعر ۾ نظر نٿو اچي. زليخا ڪان سواءِ ٻيا ڪردار نمايان ڪونه آهن. چڻڪ خاموش ساٿي آهن ليليٰ ۽ شيرين وانگر.(۱)

ليڪڪ سچي ٿيسز ۾ مثال ۾ اصل سنڌي بيت ۽ پنهنجو ڪيل انگريزي ترجمو ڏنو آهي. ترجمو تمام سهڻو ڪيل آهي.

ٽئين باب ۾ هندو تحريڪن ۽ جوڳ جو ذڪر آهي. تصوف ۽ هندوستاني تصوف تي ڊاڪٽر جوتوانيءَ به ڀرپور باب لکيو آهي. جوڳين جو تذڪرو هوندي ته عام مضمونن ۾ به ٿيندو رهيو آهي؛ پر تحقيق ۽ ترتيب سان ڊاڪٽر درشهوار هي ذڪر ڪيو آهي. (۲)

عطار ۽ روميءَ سان شاهه جي ڀيٽ باب چوٿين ۽ پنجين ۾ ڪيل آهي. هن ڀيٽ ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته روميءَ عطار جو احترام ڪيو، آن ڪري شاهه روميءَ سان گڏ ڪجهه اثر عطار جو به ورتو (۳). ليڪڪ ڪي روميءَ ۾ شاهه سان ڪجهه هڪجهڙايون ۽ ڪجهه فرق نظر اچن ٿا. انهن جو حوالن سان ذڪر ڪيو ويو آهي. رسالي ۽ منطق‌الطير جي ڀيٽ ڪندي شاهه ۽ عطار جي ڪلام جو جائزو ورتو ويو آهي (۴). ڊاڪٽر شمل جي حوالي

---

(۱) درشهوار. ص ۵۹-۶۰

(۲) درشهوار. ص ص ۱۱۷، ۱۲۰، ۱۲۱، ۱۲۲، ۱۳۰ ۽ ۱۳۱.

(۳) درشهوار. ص ۱۵۳.

(۴) درشهوار. ص ۱۵۵.

ساڻ سچ جي علامت جو تذڪرو ڪندي محترم درشهوار لکي ٿي:
"سچ روميءَ وٽ فقط مڪمل ۽ خدا جي علامت آهي پر شاهه وٽ
ٻه پهلو آهن: روشني ۽ ساڙڻ (١) پکين ۽ جانورن جا مثال ڏيندي هڪ
ڀرپور باب لکيو ويو آهي. روميءَ سان شاهه صاحب جي هڪجهڙاين
بابت ڊاڪٽر سورلي ته متفق آهي، پر ڊاڪٽر دائود پوٽي اختلاف
ڏيکاريو. ڊاڪٽر درشهوار ان لحاظ کان شاهه ۽ روميءَ جو معنائن
۾ اتفاق ۽ ويڇو ڪن مثالن سان اجاگر ڪيو آهي.

هي عجب جي ڳالهه آهي ته پن وڏن فارسي شاعرن جو
فقط انگريزي ترجمو ڏنو ويو ۽ هڪ به اصل شعر حوالي ۾ نه آندو
ويو آهي. تحقيق ۾ آساني ٿئي ٿي جڏهن اصل متن ڏجي. جڏهن
سنڌي شعر ڏنا ويا ته فارسي به ڏجن ها.

بهرحال هيءَ هڪ اهم ٿيسز آهي ۽ يورپ جي تحقيق جي
روايت ۽ معيار موجب لکيل آهي. ڇپيل ڪتاب تي عنوان به
فقط «شاهه لطيف جي شاعري» آهي. خاص عنوان هجڻ کپي ها.
جڏهن ٻين ٿيسز جا عنوان آهن. جڏهن ٻين ٿيسز تي هڪ مخصوص
عنوان آهي ۽ آهوئي ڇاپيل آهي، تڏهن هت به ايئن هجي ها.

٥. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر. سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف

سنڌي زبان ۾ لکيل شاهه صاحب تي هي پهرين ٿيسز آهي، جنهن
تي ١٩٨٨ع ۾ ڊگري آوارڊ ٿي چڪي آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ
جي به لطيفي ادب ۾ پهرين ٿيسز آهي. ڊاڪٽر سوڍر هيءَ ٿيسز
مولانا غلام مصطفیٰ قاسميءَ جي رهبريءَ ۾ لکي ۽ ١٥ ڊسمبر
١٩٨٧ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ کي پيش ڪئي. سنڌالاجيءَ ۾ ٿيسز

---

(١) درشهوار. ص ص ١٩٩ ۽ ٢٠٠.

جو سودو موجود آهي. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر مقدمي ۾ شاهه صاحب تي ٿيل تحقيق جو جائزو پيش ڪري ٿو. ٽيسز ڪي ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايو اٿس. پهرئين ۾ ٽي ۽ ٻئي ۾ ست باب آهن. ٽيسز جو پهريون باب ثقافت جي وصف بابت آهي. وصف بيان ڪندي ليڪڪ ثقافت جوڙڻ ۾ معاون عناصر جو به تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. ليڪڪ چوي ٿو ته ثقافت هڪ وسيع موضوع آهي، جو محققن ان جون ڪيترئون ئي معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون آهن. ڊاڪٽر سوڍر، مشهور محققن ڪارٽر وي گڊ، جان ايس هانليڊ ، ول ڊيورانٽ، توڙي مختلف انسائيڪلو پيڊيا ۽ ڊڪشنرين جي حوالن سان وصف ۽ ثقافت جي اهميت تي لکيو آهي. هو اِهو محسوس ڪري ٿو ته مختلف وصفن ۾ ڪٿي لفظن جو تفاوت ۽ تضاد به آهي: ”هن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته تهذيب خواه تمدن جي اصطلاح جو تعلق انساني حيات جي اجتماعي زندگيءَ جي ترقيءَ ۽ مدار سان آهي ۽ نه انسان جي انفرادي زندگي يا ڪنهن گروهه جي ترقيءَ سان هي نڪتو اهم آهي ته ثقافت هڪ ننڍي گروهه جي رهڻي ڪهڻي کان شروع ٿي وسيع انساني برادريءَ جي پلي جو نشان بنجي وڃي(١)“. تهذيب و تمدن ۽ ثقافت تي هي هڪ پرپور باب آهي.

ٻئي باب ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ جو مختصر جائزو ۽ آثار قديم جو ذڪر ڪيل آهن (٢). اهڙي طرح ٽئين باب ۾ شاهه جي دور ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت جو ذڪر ۽ شاهه جي سوانح ۽ همعصرن بابت احوال آهي (٣).

---

(١) سوڍر. ص ٧.

(٢) سوڍر. ص ٦١.

(٣) سوڍر. ص ١١٩.

ٿيسز جو ٻيو پاسو خاص نڪتي يعني شاهه جي ڪلام ۽ ثقافت بابت آهي. ڪل متن بابن ۾ سنڌ جي جاگرافي، رسالي ۾ تاريخي اهڃاڻن، رسالي جي داستانن، شاهه جي ڪلام ۾ مذهبي عنصر، اسلام ۽ صوفي سلسلن ۽ هندو فرقن جي ذڪر سان گڏ سياسي حالتن ۽ هنرن ۽ ڌنڌن جو بيان ڪيو ويو آهي.(١) تنهن سان گڏ رسالي ۾ اتحاد جو سبق، سنڌي سماج، سنڌي ٻولي، شعر و ادب ۽ موسيقيءَ جو بيان ڪيو ويو آهي.(٢)

سوڍر صاحب قانع، ڊاڪٽر گربخشاڻي، سورلي، وفائي، ايڊڪن، بلوچ ۽ ٻين محققن جي حوالن سان هي بحث ڪيا آهن. هن هر سلسلي ۾ سير حاصل بحث ڪيو آهي. جنهن شاهه جي شاعريءَ لاءِ لکي ٿو: "شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي مطالعي مان اسان کي چڱي طرح خبر پوي ٿي ته سندس شاعري ذهني عياشيءَ جو اهڃاڻ نه آهي پر سنڌ جي ماڻهن ۽ نماڻي عوام جي امنگن ۽ ٻورهيتن جي جيوت ۽ معاشي جدوجهد جي تصوير آهي.(٣)

ڊاڪٽر سوڍر پنهنجي تحقيق ۾ هر عنوان لاءِ لاڳاپيل ۽ مستند ڪتابن ۽ مقالن مان حوالا ورتا آهن ۽ ڪٿي به غير متعلق ۽ غير مستند ڪتابن مان حوالا نه ورتا اٿس. اها ڳالهه سندس ٿيسز کي بلند پايه ۽ مستند بنائي ٿي.

ثقافت جو هر پهلو شاهه جي بيتن جي حوالي سان اجاگر ڪيو

---

(١) سوڍر. ص ٢٩٥ کان ٣٢٣.

(٢) سوڍر. ص ٣٢٥ کان ٥٣٧.

(٣) سوڍر. ص ٣٧٧.

ويو آهي. ٿيسز ۾ واسطو رکندڙ فوٽو به ڏنا ويا آهن. آخر ۾ مڪمل ببليوگرافي به ڏني وئي آهي.

هيءَ ٿيسز پنهنجي عنوان جي مدنظر ۾ مڪمل طور اسم بامسمیٰ آهي. اڪثر تحقيق ۾ ان ڳالهه جي کوٽ ملندي آهي يا ليک عنوان تي ٿورو ۽ تاريخي پس منظر جي نالي ۾ گهڻو مواد ڏيندا آهن. ڊاڪٽر سوڍر هن سلسلي ۾ تمام خبرداري ۽ ذميداريءَ سان لکيو آهي. سنڌس ٿيسز جو طاقتور پهلو ثقافت ۾ غريب عوام جي جيوت آهي.

٦. ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري:

هي ٿيسز منهنجي رهنمائيءَ ۾ لکي وئي آهي ۽ ١٩٨٨ع ۾ سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪئي وئي.

علامت نگاريءَ جي وصف ڪندي سڏائي صاحب ضروري مواد حوالي طور ورتو آهي. علامتون، اهڃاڻ يا Symbols تڏهن ڪم آندا ويندا آهن، جڏهن ليکڪ ڪنهن نڪتي کي سڌو سنئون بيان نہ ڪرڻ گهري. موجود رڪارڊ موجب ملارمي Melarme ۽ ٻين علامت نگاريءَ کي ١٨٨٠ع کان وٺي پنهنجن تخليقن ۾ آندو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هوندن تشبيهه، استعاري ۽ علم بديع ۾ شاهوڪار آهي. ماضيءَ ۾ شاهه جي شاعرانه ڪمال بابت گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. علم معاني ۽ روحاني رازن تي به ڪافي لکيو ويو آهي. علامت نگاريءَ تي فقط هڪ ڪتاب لکيو ويو اهو پروفيسر اڪرم انصاريءَ انگريزيءَ ۾ لکيو. عنوان آهي: Symbolism in Latif's Poetry جنهن ۾ رڳو بيتن جو انگريزي ترجمو ڪيو ۽ موضوع تي ڪولي ڪجهه نہ چيو. سڏائي صاحب پنهنجي ٿيسز ۾

نہ رڳو علامت نگاريءَ جو بيان ڪيو آهي، پر رسالي ۾ علامت نگاريءَ جي ہہ تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي. نہ رڳو ايترو پر شاهہ جي علامتي ڪلام جو سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي شاعرن جي ڪلام سان موازنو ڪيو آهي.

مقدمي ڪان سواءِ ٽيسز ۾ چار ڀاڱا آهن. مهاڳ ڪان پوءِ ذريعن (Sources) جي تور تڪ (Evaluation) ڪئي وئي آهي. پهريون ڀاڱو متن بابن تي مشتمل آهي ۽ مڪمل طور علامت نگاريءَ جي وصف ۽ اُپٽار جي باري ۾ آهي. هن ڀاڱي جو مجموعي عنوان آهي 'ٻولي، علامت نگاري ۽ اُن سان واسطو رکندڙ عناصر'. هن سلسلي ۾ انساني شعور جي اوسر، علامت نگاريءَ جي وصف (defination)، علم معاني، نشان، اشاري، تشبيهہ، استعاري، ابهام ۽ علامت تي مڪمل طور بحث ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان ڪي نظر ۾ رکي اندازو لڳائبو تہ گهڻا گوشا روشن ۽ چٽا ڏسبا. هن بحث جو مقصد ڄاڻائيندي ڊاڪٽر سڏايو لکي ٿو:

"سنڌي ادب ۾ فن علامت نگاريءَ جي موضوع تي نيون راهون ڏسجن ۽ فني تاريخي اهميت تي ويچار ڪجي (١)"

ليڪ وائيٽ هيڊ، بودليئر ۽ مختلف انسائيڪلوپيڊيا جي حوالن ۽ نيڪ سان علامت نگاريءَ جي هڪ جامع تعريف ڪري ٿو. مثال طور علامتن لاءِ لکي ٿو: "علامتون ٻوليءَ جي ايڪائي يا پيداواري صورت آهن؛ اُن ڪري علامتن کي سمجهڻ لاءِ ٻوليءَ جو اڀياس تمام ضروري آهي. (٢)

---

(١) ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو. ص (م)

(٢) سڏايو. ص ٦

ٻوليءَ جو سچو رنگ محل لفظن تي اڏيل آهي. لفظ انهن جو تاثر ۽ ظاهر باطن معنيٰ تمام اهم آهي. هاءِ رچلس جي حوالي سان سڌايو صاحب لکي ٿو:

”لفظن جي معنيٰ ۽ استعمال لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته مختلف موقعن جي لحاظ کان لفظن جي تعبير به مختلف ڪئي ويندي آهي. (١)

ٻيو ڀاڱو شاهه صاحب جي سوانح عمريءَ تي مشتمل آهي. هن ۾ ٻارهن باب آهن. هن سلسلي ۾ ليکڪ لطيفي دؤر جو سياسي ۽ سماجي جائزو وٺندي سلطان الاوليا حضرت خواجه محمد زمان ۽ شاهه عنايت شهيد جو ذڪر به ڪيو آهي. سوانح عمري حقيقت ۾ نئين انداز سان لکي وئي آهي ۽ موجود لٽريچر ۽ تحقيقي مواد جي ڀرپور حوالن سان هي موضوع نڀايو ويو آهي.

تصوف ۽ مذهب تي به تفصيل سان لکيو ويو آهي. منهنجي نظر ۾ شاهه عنايت تي لکيل نائون باب هڪ مڪمل ۽ مدلل بحث تي مشتمل هڪ باب آهي.

ٽيون جو ٽيون ڀاڱو ’لطيف ۽ ٻيا صوفي دانشور‘ جي سري هيٺ ستن بابن تي آڌاريل آهي. هن ۾ عربي، فارسي، سرائڪي، اردو ۽ سنڌيءَ جي ستن شاعرن تي هڪ هڪ مڪمل باب لکي، انهن جي ڪلام جي صوفيانه انگ ۽ علامتي رنگ جو جائزو ورتل آهي. اِهو صحيح آهي ته ڪي بزرگ تصوف جي فقط مذهبي معنيٰ ڪي نظر ۾ رکي ڪن شاعرن ڪي صوفي شاعر سڏڻ لاءِ تيار نه ٿيندا پر انهن جي ڪلام جو انساني ڀڪجهتيءَ وارو پهلو ڏسندا ته

---

(١) سڌايو. ص ١٠.

هو ليکڪ سان متفق ٿيندا . شاعرن وٽ محبت جو پيغام آهي .
جيڪو حقيقي معنيٰ ۾ تصوف جو پيغام آهي .

ٿيسز جو چوٿون ڀاڱو جيڪو اصل عنوان تي بيتن جي مثالن سان روشني وجهي ٿو، سو ڪل ٣٢ بابن تي مشتمل آهي . پهريان ٢ باب رسالي جي پيغام جو تعارف ڪرائين ٿا . اُن ڪان پوءِ سروار جائزو آهي . جيڪو سر وار مطالعو ڪندڙ کي ٽڪائيندڙ لڳندو ۽ موضوع نڀائڻ لاءِ اهو ضروري هو .

شاهه جي شاعريءَ جو علامتي ايپاس ڪندي چوٿين ڀاڱي جي ابتدائي ٻن بابن ۾ 'لطيف ۽ ڪائنات' 'وحدت جي وائي' جي عنوان سان اهو بحث ڪيو ويو آهي ته شاهه صاحب ڪائنات کي ڪيئن ڏسي ٿو ۽ توحيد جي تنوار ۾ ڪيترو واضح آهي ، ته به نڪتو سمجهائڻ ۽ شاعرانه انداز قائم رکڻ لاءِ علامتن جو سهارو وٺي ٿو . ڇو جو شاعري آخر شاعري آهي . شاعريءَ ۾ توريل تڪيل ۽ مقرر لفظن ۾ وعظ فرمايل نه هوندو آهي . شاهه صاحب هڪ عظيم شاعر آهي ، هن جو گفتو به پختو آهي .

شاعرانه فن خود هڪ مڪمل ڪائنات آهي . اُن ڪائنات جا اسرار ۽ رمزون ڊاڪٽر سڌايو علامت نگاريءَ جي شعبي جي حوالي سان بيان ڪري ٿو . هي ضخيم ٿيسز سندس محنت ۽ موضوع سان محبت جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي . ٿيسز ۾ هر باب نهايت مدلل ۽ مڪمل آهي . کوجنا جي لحاظ ڪان هن نئون مواد گڏ ڪيو آهي ۽ نهايت ني مؤثر زبان ۾ ٿيسز لکي وئي آهي . آخر ۾ مڪمل ببليوگرافي ڏني وئي آهي .

ببليوگرافي به ليکڪ جي محنت سچائيءَ جو ثبوت آهي . مونکي فخر آهي ته مونکي تحقيق جي دنيا ۾ ههڙو اورچ شاگرد

ملهو جنهن موضوع سان پورو پورو انصاف ڪيو آهي. علامتون (Symbols) انهيءَ انداز سان بيان ڪيل آهن جو واضح طور شعر جو طاقتور پهلو آهي.

حرف آخر

جيئن شروع ۾ عرض ڪيم ته ڪي ٿيسز پيون به آهن؛ جيڪي ملي نه سگهيون اٿم. آنهن جي باري ۾ هيٺيان اطلاع مليا آهن.

١- سنڌ يونيورسٽيءَ مان تازو مسز حسن بانو، قاسمي صاحب جي رهبريءَ ۾ پي ايڇ-ڊي ڪئي آهي. عنوان آهي: 'شاهه عبداللطيف ۽ سنڌي عورت'

٢- ڊاڪٽر پرسو جيسارام گدوانيءَ جو ڪتاب 'شاهه جو شعر' ١٩٨٠ع ۾ ڊاڪٽر جيٺلي مون ڏانهن مهرباني ڪري موڪليو هو. جنهن جي پيش لفظ جي هنن لفظن سان مون کي معلوم ٿيو: "ڊاڪٽر گدواڻي پهريون شخص آهي جنهن ورهاڱي بعد پارت ۾ ادبي ڪيتر ۾ سو ۾ شاهه بابت ڪجهه لکي ڊاڪٽريٽ حاصل ڪئي آهي.(١) اڪثر پڌڻ ۾ به ايئن آيو ته ڊاڪٽر گدواڻي شاهه تي ٿيسز لکي آهي.(٢) پر ڊاڪٽر جيٺلي جي مقالي "پارت ۾ شاهه لطيف جي ڪلام جو مطالعو" مان معلوم ٿيو ته ڊاڪٽر گدوانيءَ سنڌي ۽ هنديءَ جي صوفي شاعرن تي ساگر يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ. ڊي ڪئي ۽ سندس سنڌي ڪتاب 'شاهه جو شعر' ٿيسز ۾

---

(١) گدواڻي، پرسو جيسارام. شاهه جو شعر الهاس نگر ١٩٧٣ع، پيش لفظ از نارائڻ پارتي.

(٢) ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ڊيڪن ڪاليج پونا ۾ ليڪچرر آهي.

شاهه تي لکيل ٻاب جو ترجمو آهي. ڊاڪٽر جيٽلي جي رهنمائيءَ ۾ موهن لعل شرما ٻه ١٩٧٣ع ۾ سنڌيءَ ۾ ٿيسز لکي سنڌيءَ ۾ پي ايڇ. ڊي جي ڊگري 'سنڌي ڪوتا ۾ صوفي مت' جي عنوان سان ورتي ۽ ڪماري رڪمڻي ٻه سنڌس ئي زير نگراني ۾ ١٩٧٨ع ۾ ايم. فل ڊگري هنديءَ ۾ ورتي - عنوان آهي: "ملڪ محمد جائسي اور شاهه عبداللطيف ڪي ڪوتا ۾ پريم ڪي ڀاونا".

ان طرح هي ٽي شاهه صاحب تي مڪمل ٿيسز نه آهن ۽ في الحال ملي ٻه نه سگهيون آهن.